SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1984

# سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984

# THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15_A جي ترميم

Amendment of Section 15_A of Sindh Ordinance XVII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1984

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1984

## سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984

## THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 جولاءِ 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

| | |
|---|---|
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 3 جي ترميم<br>Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XVII of 1979 | 2. سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس چيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي شرطيہ بيان کي ختم ڪيو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 6 جي ترميم<br>Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XVII of 1979 | 3. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 6 کي شرطيہ بيان سان گڏ ختم ڪيو ويندو. |
| 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15 جي ترميم<br>Amendment of Section 15 of Sindh Ordinance | 4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 ۾:<br>(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، شق (i) کي ختم ڪيو ويندو.<br>(ii) ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعہ شامل ڪيو ويندو:<br>"(4) جتي زميندار ڪا جڳهہ جوڙائي ۽ انهيءَ پراڻيءَ جڳهہ منجهان هاريءَ کي اُٿاريو ويو آهي، جڳهہ جي جڙجڻ کان اڳ ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ان تي قبضو ڪيو آهي، تہ ڪليڪٽر کي |

درخواست ڏني ويندي، تہ جيئن هن کي نئين جاءِ ۾ قبضو ڏنو وڃي، جيڪو پراڻيءَ جاءِ جي قبضي کان وڏو نہ هوندو ۽ جنهن تي اهو قابض هيو. ڪنٽرولر انهيءَ ايراضيءَ بابت آرڊر پاس ڪندو جيڪا پهرين ايراضيءَ کان گهٽ هوندي، پر اهو ڌيان ۾ رکندو تہ نئين جاءِ جي نموني ۽ واقع هجڻ واري هنڌ ۽ هاريءَ جي ضرورتن کي ڌيان ۾ رکندو ۽ جيڪڏهن هو چاهي تہ انهيءَ جو ڀاڙو بہ مقرر ڪري سگهي ٿو، جيڪو ساڳئي هنڌ واري ڪنهن جاءِ جو هوندو.".

XVII of 1979

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15_A جي ترميم

Amendment of Section 15_A of Sindh Ordinance XVII of 1979

5. ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 15_A لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"15_A. جتي زميندار، جنهن دفعہ 14 تحت هڪ عمارت جو قبضو حاصل ڪيو آهي يا دفعہ 15 جي شق (vii) موجب احاطي جو اڳوڻي هاري کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي عمارت يا احاطو ڏئي ٿو يا اهڙي قبضي کي ذاتي استعمال کانسواءِ ٻئي استعمال ۾ رکي ٿو:

(i)هي ڏنڊ جي لائق هوندو جيڪو احاطي واري عمارت جي هڪ سال جي ڀاڙي کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن معاملو هجي، جيڪو قبضو حاصل ڪرڻ وقت واجب الادا هوندو.

(ii)هاري جنهن کي اٿاريو ويو هجي، اهو عمارت جو قبضو واپس ڏيڻ جي هدايت جاري ڪرڻ لاءِ ڪنٽرولر کي لکي سگهي ٿو، جيئن معاملو هجي، ۽ ڪنٽرولر ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪندو.

**نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**